# جوا ۾ کٽيل مال

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمينٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالون: **جوا ۾ ڪٽيل مال**

ڇاپو پهريون: محرم الحرام 1443ھ، آگسٽ 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علام

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جي اردو ڪتاب ”غيبت جون تباه ڪاريون“ مان ورتل مواد

# جوا ۾ ڪٿيل مال

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي) **عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## جوا ۾ ڪٺيل مال 1

دعاءِ عطار ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
غيبت ڪندڙ قابلِ رحم آهي ........ 1
منڊي جي غيبت ........ 2
جوا جي ڪاروبار کان توبهہ ........ 2
جوا حرام آهي ........ 3
جوا ڪيڏڻ گناهہ آهي ........ 4
جوا شيطاني ڪم آهي ........ 5
جوا ۾ ڪٺيل مال ........ 6
جڻ سُوَر جي رت ۽ گوشت ۾ هٿ ٻوڙيو ........ 6
جوا جي دعوت ڏيڻ وارو ڪفاري ۾ صدقو ڪري ........ 6
جوا جي تعريف ........ 7
جوا جون 6 صورتون ........ 7
(1) لاٽري ........ 8
(2) پرائز بانڊ جي پرچي ........ 8
(3) موبائل ميسيجز ۾ جوا ........ 9
(4) مُعَمّہ ........ 9

(5) پيسا گڏ ڪري قرعہ اندازي ڪرڻ .......... 10
مختلف راندين ۾ شرط لڳائڻ .......... 10
جوا کان توبہ جو طريقو .......... 11
فوت ٿيلن جي برائي ڪرڻ بہ غيبت آهي .......... 12
”فلاڻي خودڪشي ڪئي“ اهو چوڻ ڪيئن .......... 13
غسال مردي جي برائي بيان نہ ڪري .......... 14
مرڻ کان پوءِ وڏي آواز ۾ ڪلمو پڙهيو .......... 15
مرڻ واري ڪافر جي غيبت .......... 15
وياج کان وڏو گناہ .......... 16
مسلمان جي عزت خراب ڪرڻ وياج کان وڏو گناهہ آهي .......... 17
مسلمان جي عزّت جي حفاظت جو ثواب .......... 18
غيبت کان روڪڻ جون چار فضيلتون .......... 18
غيبت ڪرڻ واري جي سامهون تعريف .......... 20
غيبت ڪرڻ وارن کان پيڇو ڇڏائڻ جو طريقو .......... 20

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# جوا ۾ ڪتيل مال

## دعاءِ عطار

**ياالله پاڪ** جيڪو مڪمل رسالو ”جوا ۾ ڪتيل مال“ پڙهي يا ٻڌي وني، اُن کي ۽ ان جي اچڻ واري نسل کي جوا جي بيماري کان محفوظ فرمائي حلال رزق تي قناعت عطا فرماءِ ۽ پاڻ کان سواءِ ڪنهن جو محتاج نہ بڻاءِ. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

## درود شريف جي فضيلت

حضرت علامہ مَجدُالدّين فيروزآبادي کان منقول آهي: جڏهن ڪنهن محفل ۾ (يعني ماڻهن ۾) ويهو تہ چئو: بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد تہ الله پاڪ توهان تي هڪ ملائڪ مقرر فرمائي ڇڏيندو جيڪو توهان کي غيبت کان باز رکندو. ۽ جڏهن مجلس مان اُٿو تہ چئو: بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَ صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد تہ ملائڪ ماڻهن کي توهان جي غيبت ڪرڻ کان باز رکندو. (القول البديع، ص278)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## غيبت ڪندڙ قابلِ رحم آهي

**هڪ بزرگ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪنهن چيو: فلاڻو توهان جي ايتري قدر برائي بيان ڪري ٿو جو مونکي توهان تي رحم اچي ٿو. فرمايائون: **”رحم جي قابل تہ هو شخص پاڻ آهي“**. ( تفسير قرطبي ج8 ص 242)

سُبحان الله! اسان جي بزرگن جو اِخلاص ۽ اَخلاق صد ڪروڙ مَرحَبا! انهن جي مدني سوچ جي بہ چا ڳالهہ آهي! پنهنجي برائي ڪندڙ تي بہ ڪاوڙ نہ ٿي اچي بلڪ دل مُطمَئِن آهي تہ منهنجو پنهنجو ڪهڙو نقصان آهي! غيبت ڪندڙ ئي نقصان ڪٽندڙ آهي ۽ هو نادان هن مَعنيٰ ۾ رحم جي قابل ئي آهي، جو پنهنجون نيڪيون برباد ڪري گنهگار ٿي ڪري جهنّم جي عذاب جو حق دار ٿي رهيو آهي.

دردِ سر ہو یا بخار آئے تڑپ جاتا ہوں
میں جہنّم کی سزا کیسے سہوں گا یارب!
عفوٗ کر اور سدا کیلئے راضی ہو جا
گر کرم کر دے تو جنَّت میں رہوں گا یارب!

## منديءَ جي غيبت

تابعي بزرگ حضرت سيّدنا مُعاوِيہ بن قُرَّہ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪڏهن توهان جي پرسان ڪو منڊو بہ گذري ۽ توهان هن جي منڊڪائڻ جي عيب جو تذڪرو ڪيو تہ اها بہ غيبت آهي. (تفسير دُرمنثور ج7 ص571)

خبر پئي تہ ڪنهن منديءَ کي بہ بنا اجازتِ شَرعِي پَرپُٺ "منڊو" چوڻ غيبت آهي. اهڙي طرح ڪنهن کي ❖ منڊو ❖ گنجو ❖ انڌو ❖ ڪاڻو ❖ جڏو ❖ ٻاتو ❖ هبڪ سان ڳالهائيندڙ ❖ گونگو ❖ ٻوڙو ❖ ڪُٻو وغيره چوڻ بہ غيبت آهي .

## جوا جي ڪاروبار کان توبہ

غيبت ڪرڻ ۽ ٻڌڻ جي عادت ختم ڪرڻ، نمازن ۽ سنّتن تي عمل جي عادت بڻائڻ جي لاءِ دعوت اسلامي جي مدني ماحول سان هر دم وابستہ رهو. سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول

سان گڏ سنّتن پريو سفر ڪيو. ڪامياب زندگي گذارڻ ۽ آخرت سنوارڻ جي لاءِ **نيڪ اعمال** جي مطابق عمل ڪري روزانو **جائزي** جي ذريعي رسالو پريو ۽ هر مدني مهيني جي 10 **تاريخ جي** اندر اندر پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرايو اوهان جي ترغيب لاءِ هڪ **مَدني بهار** پيش ڪريان ٿو. جيئن ته سُوئِي دويزن **ڊيرا بُگٽِي** (**بلوچستان**) جي هڪ اسڪول ٽيچر ڪجهه هن طرح حلفيه بيان ڏنو ته هڪ اسڪول ٽيچر **ٽَمبَولا** (**هڪ قسم جي راند جنهن ۾ پئسن جي جُوا هوندي آهي**) جو دڪان هلائيندو هو. 2004ع ۾ پاڪستان جي صوبي **سنڌ** سطح تي صحراءِ مدينه (**ڪراچي**) ۾ ٿيندڙ عاشقانِ رسول جي مدني تحريڪ **دعوتِ اسلامي** جي ٽن ڏينهن واري سنّتن ڀريي اجتماع ۾ انهن کي خوش قسمتي سان شرڪت جي سعادت ملي وئي آخر ۾ جڏهن دعا ٿي ته انهن تي رِقّت طاري ٿي وئي. ان اڳ ۾ ڪيل سيني گناهن کان توبهه ڪرڻ سان گڏوگڏ نمازِباجماعت پابندي سان ادا ڪرڻ جي نيت ڪئي. اَلحَمدُلله! اجتماع کان واپس ايندي ئي ٽَمبَولا جو ڪم ختم ڪري ڇڏيائين ڏاڙهي شريف رکي ۽ اسڪول ۾ درس به جاري ڪري ڇڏيو ۽ **دعوتِ اسلامي** جي مَدرسةُ المدينه (**براءِ بالغان**) ۾ قرآن پاڪ پڙهڻ شروع ڪري ڇڏيو.

## جوا حرام آهي

**پيارا پيارا اسلامي ڀائرو** ! **دعوتِ اسلامي** جي سنّتن ڀري اجتماع جي به ڇا ڳالهه آهي! اللهُ کريم جي رَحمت سان هن ۾ شريڪ ٿيندڙ ڪيترن جي دِلين ۾ مدني اِنقلاب پيدا ٿي ويندو آهي. هنن اجتماعن ۾ شرڪت ٻنهي جهانن جي لاءِ باعثِ سعادت آهي. هاڻي توهان

جيڪا **مَدني بهار** ٻڌي هن ۾ تَمبولا جي ڪاروبار کان توبهه جو تذڪرو آهي، تَمبولا ”**جُوا**“ جي هڪ صورت آهي. جُوا ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق کاڌو ويندو آهي جيڪو شرعًا حرام آهي. جوا ڪيڏڻ، جُوا جو اڏو هلائڻ، جُوا جا سامان ڪپائڻ، خريدڻ سڀ اسلام ۾ **حرام** ۽ **جهنّم** ۾ وٺي وڃڻ وارا ڪم آهن. افسوس مسلمانن ۾اڄڪلهه جُوا ڪافي عام ٿي وئي آهي، جُوا جون اهڙيون به صورتون آهن جنهن ۾ ماڻهو لاعلمي جي ڪري مُبتلا ٿي ويندا آهن، تنهنڪري سنين سنين نيتن سان جُوا جي بابت ڪجهه معلومات حاصل ڪيو.

## جوا ڪيڏڻ گناه آهي

**سيپاري 2 سُورَة البَقره جي آيت نمبر 219 ۾ اَللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:**

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ الْخَمْرِ وَ الْمَیْسِرِؕ قُلْ فِیْهِمَاۤ اِثْمٌ كَبِیْرٌ وَّ مَنَافِعُ لِلنَّاسِ٘ وَ اِثْمُهُمَاۤ اَكْبَرُ مِنْ نَّفْعِهِمَاؕ

(پارہ2،سورۃالبقرۃ:219)

ترجموڪنزالايمان: توهان کان شراب ۽ جوا جو حڪم پڇن ٿا، اوهان فرمايو ته انهن ٻنهي ۾ وڏو گناهه آهي ۽ ماڻهن لاءِ ڪجهه دنياوي نفعو به آهي پر انهن ٻنهي جو گناهه سندن نفعي کان گهڻو وڏو آهي.

**صَدرُالاَفاضل** حضرت سيّد مولانا محمد نَعِيمُ الدّين مُراد آبادي رحمۃ اللہ علیہ **خزائِنُ العِرفان** ۾ هن آيتِ ڪريمه جي حوالي سان لکن ٿا. جوا ۾ ڪڏهن مفت جو مال هٿ ايندو آهي ۽ گناهن ۽ برائين جو ته ڪو شمار ئي ناهي! عقل جو زَوَال، غيرت جو زَوال، عبادت کان

محرومي، **عَدَاوَتُون** (**يعني دشمنيون**)سيني جي نظر ۾ خُوار (**يعني ذليل**) ٿيڻ دولت ۽ مال جي اِضاعَت (**يعني بربادي**)
(خزائن العرفان، ص 73 )

## جوا شيطاني ڪم آهي

سيپاري 7 **سُورۃُ المَائِدہ** جي آيت نمبر 90 کان 91 ۾

اَللّٰہ رحمٰن جو فرمانِ عبرت نشان آهي :

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْۤا اِنَّمَا الْخَمْرُ وَ الْمَيْسِرُ وَ الْاَنْصَابُ وَ الْاَزْلَامُ رِجْسٌ مِّنْ عَمَلِ الشَّيْطٰنِ فَاجْتَنِبُوْهُ لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ ﴿۹۰﴾ اِنَّمَا يُرِيْدُ الشَّيْطٰنُ اَنْ يُّوْقِعَ بَيْنَكُمُ الْعَدَاوَةَ وَ الْبَغْضَآءَ فِي الْخَمْرِ وَ الْمَيْسِرِ وَ يَصُدَّكُمْ عَنْ ذِكْرِ اللّٰهِ وَ عَنِ الصَّلٰوةِ ۚ فَهَلْ اَنْتُمْ مُّنْتَهُوْنَ ﴿۹۱﴾

ترجمو ڪنزالايمان: اي ايمان وارؤ شراب ۽ جوا ۽ بت ۽ تير ناپاڪ ئي آهن شيطاني ڪم انهن کان بچندا رهو من توهان ڪامياب ٿيو. شيطان تہ اهو گهري ٿو توهان ۾ وير ۽ دشمني وجهي ڇڏي شراب ۽ جوا جي ذريعي ۽ توهان کي الله جي ياد ۽ نماز کان روڪي پوءِ ڇا توهان مڙي ويا.

**صَدرُالاَفاضِل حضرت مولانا** نُعيم الدّين مُراد آبادي رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَيۡه خزائِنُ العِرفان ۾ هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان لکن ٿا: هن آيت ۾ شراب، ۽ جوا جا نتيجا ۽ وبال بيان فرمايا ويا آهن تہ شراب خوري ۽ جوا بازي جو هڪ وبال تہ هي آهي تہ هن سان پاڻ ۾ بُغض ۽ عداوتون پيدا ٿينديون آهن ۽ جيڪو هن برائين ۾ مبتلا هجي اهو ذڪرِ الٰهي ۽ نماز جي اوقات جي پابندي کان محروم ٿي ويندو آهي. (خزائن العرفان، ص 236 )

# جوا ۾ کٽيل مال

سيپاري 2 سُورۃُ البَقره جي آيت نمبر 188 ۾ ارشادِ ربُ العِبَاد آهي تہ:

وَلَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ

۽ پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو مال ناحق نہ کائو

حضرت عَلّامہ مَولانا سيّد محمد نَعِيمُ الدِّين مُرَاد آبَادِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه خزائن العِرفَان ۾ فرمائن ٿا: هن آيت ۾ باطِل طريقي سان ڪنهن جو مال کائڻ حرام فرمايو ويو آهي هاٽي کٽي اهو ڌاڙو هڻي يا ڪسي ڪري يا چوري ڪري يا جوا يا حرام تماشن، حرام ڪمن ۽ حرام شين جي بدلي يا رِشوت، ڪوڙي گواهي يا چُغلخَوري جي ڪري اچي سڀ مَمنُوع ۽ حرام آهي. (خزائن العرفان ص 63)

## ڄڻ سُوَر جي رت ۽ گوشت ۾ هٿ ٻوڙيو

حضور نبيِّ ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: جنهن نَرد شير (جوا کيڏڻ جو سامان) سان ان جوا کيڏي ڄڻ تہ هن پنهنجا هٿ خنزير(سُوَر) جي گوشت ۽ رت ۾ ٻوڙيا. (سُنن ابن ماجه ج4 ص 231 حديث 3763)

## جوا جي دعوت ڏيڻ وارو ڪفاري ۾ صدقو ڪري

حضور نبيِّ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ارشاد عِبرت بُنياد آهي: جنهن پنهنجي ساٿي کي چيو تہ ”اچ! جُوا کيڏون،“ تہ هن (چوڻ واري) کي گهرجي صدقو ڪري. (صحيح مُسلم ص 692 حديث 42640)

حضرت علامہ يَحيٰ بن شَرف نَوَوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث جي شرح ۾

لڪن ٿا: عُلماء فرمائن ٿا ته سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ صدقي جو حڪم ان لاءِ ڏنو ته ان شخص گناھ جي دعوت ڏني هئي. حضرت علّامہ خِطابي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن چيو ته جيترن پئسن جي جُوا کيڏڻ جو چيو هيائين اوترا پئسا صدقو ڪري پر صحيح اهو آهي، جيڪو مُحقّقِين چيو آهي ۽ اهو ئي حديثِ پاڪ جو ظاهر آهي ته صدقي جو ڪو مِقدار مُعيّن ناهي آساني سان جيترو صدقو ڪري سگهي ڪري ڇڏي. (شَرح مُسلم للنّووي ج 11 ص 107)

**منهنجا آقا** اعليٰ حضرت، اِمام اهلسنّت، مولانا شاھ اَحمد رَضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويه جلد 19 صفحي 646 تي فرمائن ٿا: وياج ۽ چوري ۽ مال قبائڻ ۽ جُوا جو رپيو قَطعِي طور حرام آهي.

(فتاويٰ رضويه ج19 ص 646)

## جوا جي تعريف

جوا کي عربي ۾ قِمار چوندا آهن هن جي تعريف ملاحظہ فرمايو: **حضرت سيّدنا** مِير سيّد شريف جرجانِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لڪن ٿا: هر اها راند جهن ۾ اهو شرط هجي ته مَغلُوب (**ناڪام ٿيڻ واري**) جي ڪا شيء غالب (**يعني ڪامياب ٿيڻ واري**) کي ڏني ويندي اهو "**قِمار**" (**يعني جوا**) آهي. (التعريفات ص 126)

## جوا جون 6 صورتون

**اي عاشقانِ رسول!** اڄڪلھ دنيا ۾ جوا جا نوان نوان طريقا رائج آهن، انهن مان 6 هي آهن:

## (1) لاٽري

**هن طريقيڪار** ۾ لکن ڪروڙن روپين جي انعامن جي لالچ ڏئي ڪري، لکين ٽڪيٽون معمولي رقم جي عيوض فروخت ڪيون وينديون آهن پوءِ قرعہ اندازي جي ذريعي ڪامياب ٿيڻ وارن ۾ ڪجهہ لک يا ڪجهہ ڪروڙ روپيا ورهايا ويندا آهن، جڏهن تہ باقي ماڻهن جي رقم ٻڏي ويندي آهي. اها بہ جُوا جي هڪ صورت آهي جيڪا حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي ويندڙ ڪم آهي.

## (2) پرائز بانڊ جي پرچي

**حڪومتِ** پاڪستان مختلف قيمتن جا انعامي پرائز بانڊ بينڪ جي ذريعي جاري ڪندي آهي ۽ شيڊيول جي مطابق هر مهيني **قرعہ اندازي** جي ذريعي لکين روپين جا انعام خريدارن ۾تقسيم ڪندي آهي، جنهن جو انعام ناهي نڪرندو ان جي رقم محفوظ رهندي آهي، اهو پنهنجي مرضي مطابق هن رقم کي ڪيش ڪرائي سگهي ٿو. هي جائز آهي ۽ جوا ۾ داخل ناهي، البتہ ڪجهہ قسمن جا پرائز بانڊز اهڙا آهن جن کي”پريميم پرائز بانڊ“ چيو وڃي ٿو، هن تي يقيني طور تي نفعو ملندو آهي، اهو وياج آهي ۽ هنن جي خريد و فروخت ۽ نفعو شرعي طور تي جائز ناهي. (بعض اوقات ائين بہ ٿيندو آهي تہ جن پرائز بانڊن جو ڏيڻ وٺڻ ۽ انهن تي انعام جي صورت جائز هوندي آهي، ان جي متعلق پاليسي تبديل ٿي ويندي آهي يا ان ۾ بہ ڪو غير شرعي معاملو شامل ڪيو ويندو آهي، اهڙي صورت ۾ اُن وقت جي پاليسي جي مطابق حڪمِ شرعي

ٿيندو. اهڙي موقعي تي وڌيڪ شرعي رهنمائي جي لاءِ” دعوت اسلامي جي دارالافتاء اهلسنت“ سان رابطو ڪيو) ياد رهي! انعامي بانڊز جي پرچين جي خريد و فروخت، غير قانوني ناجائز ۽ حرام آهي ڇو جو ڪپائڻ وارو **حڪومت جي طرفان** جاري ڪيل پرائز بانڊز پاڻ ئي وٽ رکندو آهي (**بلڪ بعض اوقات ته پرائز بانڊز به ڪپائيندڙن وٽ ناهن هوندا**) پرچي ڪپائيندڙ خريدار کي ٿورڙي رقم جي بدران پرچي تي محض هڪ نمبر لکي ڪري ڏئي ڇڏيندو آهي ته جيڪڏهن هن نمبر تي انعام نڪتو مان توهان کي ايتري رقم ڏيندس. انعامي پرچي جو هي ڪم به **جُوا** آهي ڇو جو هن ۾ **انعام** نه نڪرڻ جي صورت ۾ خريدار جي رقم ضايع ٿي ويندي آهي .

## (3) موبائل ميسيجزءِ جوا

**موبائل تي** مختلف سوالن تي مُشتمِل مَيسِجز ( MESSAGES) موڪليا ويندا آهن جنهن ۾ **مثال طور**: ڪهڙي ٽيم ميچ کٽيندي؟ يا پاڪستان ڪهڙي ڏينهن نهيو هو؟ صحيح جواب ڏيڻ وارن جي لاءِ مختلف انعام رکيا ويندا آهن، شرڪت ڪندڙ جي ”موبائل بيلنس“ مان ٿورڙي رقم **مثال طور** 10 روپيه ڪٽيا ويندا آهن، جنهن **جو انعام ناهي** نڪرندو انهن جي رقم ضايع ٿي ويندي آهي، اها به **جُوا** آهي جيڪو حرام ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي .

## (4) مُعَمّ

**هن ۾ هڪ** يا هڪ کان وڌيڪ **سوال حل** ڪرڻ لاءِ ڏنا ويندا آهن جنهن جو حل مُنتظِمِين جي مرضي مطابق نڪري اچي اُن کي انعام ڏنو ويندو آهي **انعامن** جو انگ ٽي يا چار يا هن کان به وڌيڪ

هوندو آهي. تنهن جي ڪري درست حل گهٽڻ ماڻهن جو نڪري ته قرعه اندازي جي ذريعي فيصلو ٿيندو آهي. هن راند ۾ ڪوڙ ماڻهو شريڪ ٿيندا آهن، هنن جي **شرڪت** به طرح سان ٿيندي آهي(1) مفت (2) معمولي فيس ڏئي ڪري، جيڪڏهن شُرڪَاء ڪان ڪنهن قسم جي فيس نه ورتي وڃي ته پيو ڪو **مانعِ شرعي** نه هجڻ جي صورت ۾ هن انعام جو ونڻ جائز آهي. جنهن ۾ شريڪ ٿيندڙن ڪان فيس ورتي ويندي آهي، هن ۾ انعام ملي يا نه ملي رقم ضايع ٿي ويندي آهي، اها صورت جُوا جي آهي جيڪو حرام ۽ جهنّم ۾ وني ويندڙ ڪم آهي.

## (5) پيسا گڏ ڪري قرعه اندازي ڪرڻ.

**ڪجهه ماڻهو** يا دوست پاڻ ۾ توري توري رقم گڏ ڪري قرعه اندازي ڪندا آهن ته جنهن جو نالو نڪتو سڄي رقم اُن کي ملندي، اها به جُوا آهي چوته بين جي رقم ضايع ٿي ويندي آهي، اهڙي طرح ڪڏهن ڪڏهن پئسا گڏ ڪري ڪو **ڪتاب يا ڪا بي شيءِ** ورتي ويندي آهي ته جنهن جو **نالو قرعه اندازي** ۾ نڪتو اُن کي اهو ڪتاب ڏنو ويندو، اها به جوا آهي، ياد رکو ته ڪجهه ڪمپنيون پنهنجون مصنوعات خريد ڪندڙن کي قرعه اندازي ڪري انعامات ڏينديون آهن، اهو جائز آهي چو جو هن ۾ ڪنهن جي به رقم ناهي ٻڏندي.

## (6) مختلف راندين ۾ شرط لڳائڻ

**اسان وٽ مختلف** راندين **مثال طور**: **گهوڙا ڊوڙ**، **ڪرڪيٽ**، **ڪرم بورڊ**، **بِلَيَرَڊ**، **تاش**، **شَطرَنج** وغيره ۾ بنهي طرفان شرط لڳائي

ڪيڏيون ويندڙيون آهن ته هارڻ واروڪٽڻ واري کي ايتري رقم يا فلاڻي شيء ڏيندو هيء به جوا آهي ۽ **ناجائز ۽ حرام**، ڪيرم ۽ **بِلْيَرْدِ ڪلب** وغيره ۾ ڪيڏندي وقت گهٽو ڪري اهو شرط رکيو ويندو آهي ته ڪلب جي مالڪ جي فِيس هارڻ وارو ادا ڪندو، اها به جوا آهي. ڪجهه ”**نادان**“ گهرن ۾ مختلف راندين **مثال طور** تاش يا لوڊو تي بنهي طرفان شرط هٽي ڪري ڪيڏندا آهن ۽ گهٽ علم جي ڪري هن ۾ حرج ناهن سمجهندا اهي به سنيلجي وجن ته اها به جُوا آهي ۽ **جُوا حرام** ۽ جهنّم ۾ وٺي وڃڻ وارو ڪم آهي.

## جوا ڪان توبه جو طريقو

**جُوا ڪيڏڻ** وارو جيڪڏهن نادم ٿيو ته هن کي گهرجي ته بارگاهِ اِلٰهي ۾ **سچي توبهه** ڪري پر جيڪو مال ڪٽيو آهي اهو حرام ئي رهندو، هن حوالي سان رهنمائي ڪندي منهنجا آقا اعليٰ حضرت، امامِ اهلسنّت، مولانا شاهه، اِمام اَحمَد رَضا خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: جيتري قدر مال جوا ۾ ڪمايو محض حرام آهي، ۽ هن کان براءت (**يعني ڇوٽڪاري**) جي اها ئي صورت آهي ته جنهن جنهن کان جيترو مال ڪٽيو آهي اُن کي واپس ڏئي يا جهڙي طرح به ٿئي هن کي راضي ڪري معاف ڪرائي وٺي، اهو نه هجي ته اُن جي وارثن کي واپس ڏئي، يا اُنهن مان جيڪي **عاقل، بالغ** هجن انهن جو حصو انهن جي رضامنديء سان معاف ڪرائي وٺي، باقين جو حصو ضرور انهن کي ڏئي ڇو ته هن جي معافي ممڪن ناهي، ۽ جن ماڻهن جو پتو ڪهڙي طرح به نه پئجي سگهي، نه انهن جو ۽ نه وري انهن جي وارثن جو، ته هن صورت ۾ جيترو ڪٽيو هو اهو

انهن جي طرفان نيّت ڪري خيرات ڪري ڇڏي. پلي ڪٽي پنهنجن ئي محتاج پيڻ پائرن، پائيٽن يا پاٽيجن کي ڏئي. اڳتي وڌيڪ فرمائن ٿا: مطلب تہ جتي جتي جيتري قدر ياد ٿي سگهي تہ ايترو مال ڦُلاٽي کان کٽڻ هارڻ ۾ وڌيڪ آيو تہ ايترو انهن يا انهن جي وارثن کي ڏئي، اهي نہ هجن تہ انهن طرفان نيّت ڪري صدقو ڪري ۽ وڌيڪ اچڻ جي معنيٰ اها آهي تہ **مثال طور:** هڪڙي ڇٽي کان ڏهہ پيرا جُوا کيڏيائين ڪڏهن هن کٽيو ڪڏهن هُن، هُن (يعني: **سامهون واري جواري**) جي کٽيل رقم جي مقدار مِثال طور تي سؤ روپيا آهي ۽ هي سڀ پيرن کي ملائي تہ هن سَوا سؤ کٽيا تہ سؤ سؤ برابر ٿي ويا باقي پنجويهہ اُن (يعني: **سامهون واري جُواري**) کي ڏيڻا پوندا. وَعلي هَذَا القِيَاس (يعني: ۽ هن تي ئي قياس ڪيو) ۽ جتي ياد نہ اچي تہ (**جوا کيڏڻ وارا**) ڪير ڪير هئا ۽ ڪيترو (**مال جوا جو کٽيو**) هوندو. هتي وڏ کان وڏ (**مقدار جو**) **تخمِينو** يعني اندازو لڳائي تہ هن وقت تائين ڪيتري قدر مال جوا مان ڪمايو هوندو ايترو مالڪن (يعني هن نامعلوم جوارين) جي طرفان نيّت ڪري خيرات ڪري، عاقبت يعني آخرت ۾ ائين ئي ڇوٽڪارو حاصل ٿي سگهي ٿو. وَاللهُ تعالیٰ اَعلَم

(فتاويٰ رضويہ ج19 ص651)

## فوت ٿيلن جي برائي ڪرڻ بہ غيبت آهي

**حضرت سيّدنا** ابوهريره رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه فرمائن ٿا: ماعِز اَسلَمي رَضِیَ اللّٰہُ عَنْه کي جڏهن رَجَم ڪيو ويو هو، (يعني زنا جي " **حَدّ** " ۾ ايترا پٿر هنيا ويا جو هو فوت ٿي ويا) تڏهن بہ ڄڻا پاڻ ۾ ڳالهيون ڪرڻ لڳا. هِڪَ ٻئي کي چيو، هن کي تہ ڏسو **الله** هن جي پرده پوشي ڪئي هئي پر هن جي نفس هن کي نہ ڇڏيو، رُجِمَ رَجْمَ الْکَلْبِ **يعني ڪُتي وانگر**

رجم ڪيو ويو. حضور پُر نور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن ٻڌي ڪري سُڪُوت فرمايو (يعني چُپ رهيا) ڪجهه دير تائين هلندا رهيا، رستي ۾ مُئل گڏهه مليو جنهن جا پير ڦهليل هئا. سرڪار وَالاتَبار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جن انهن ٻنهي کي فرمايو: وڃو هن مُئل گڏهه جو گوشت کائو. انهن عرض ڪيو: **يانبي الله** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ! هن کي ڪير کائيندو؟ **ارشاد فرمايائون:** جيڪا توهان پنهنجي ڀاءُ جي غيبت ڪئي، اها هن گڏهه کائڻ کان به سخت آهي. قسم آهي ان جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي! اهو (**يعني ماعِز**) هن وقت جنّت جي نهرن (**ندين**) ۾ ٽُٻيون هڻي رهيو آهي.

( سُنن ابي داود ج4 ص 197 حديث 4428)

## ”فلاڻي خودڪشي ڪئي“ اهو چوڻ ڪيئن

معلوم ٿيو ته فوت ٿيل ماڻهن جي برائي ڪرڻ به غيبت آهي، بعض اوقات گهڻو صبر ڪرڻ وارو معاملو هوندو آهي **مثال طور** ڌاڙيل، دهشت گرد يا ڪنهن عزيز جا قاتل وغيره قتل ڪيا وڃن يا انهن کي ڦاسي ڏني وڃي ته ڪڏهن ڪڏهن ماڻهو غيبت جي گناهه ۾ پئجي ويندا آهن، اهڙي طرح خودڪشي ڪرڻ واري مسلمان جي باري ۾ بلااجازتِ شرعي اهو چئي ڇڏڻ ته ”**فُلاڻي خُودڪشي ڪئي**“ هي غيبت آهي، ائين ئي نالي ۽ سُڃاڻپ سان گڏ ڪنهن مسلمان جي **خُودڪشي** جي خبر به اخبار ۾ نه لڳائي وڃي، ڇو جو هن سان مرڻ واري جي **غِيبت** به ٿيندي ۽ هن سان گڏوگڏ مرحوم جي اهل ۽ عيال جي عزت تي به اثر پوندو آهي. ها هن انداز ۾ تَذڪِرو ڪيو جو پڙهڻ يا ٻڌڻ وارا **خُود ڪشي** ڪرڻ واري کي سڃاڻي ئي نه سگهن ته اهو ڪير هو ته حرج ناهي، پر اهو ذهن ۾ رهي ته نالو نه ورتائين پر

ڳوٺ، پاڙو، برادري، وقت، خُود ڪشي ڪرڻ جو انداز وغيره بيان ڪرڻ سان بہ خُودڪشي ڪندڙ جي سڃاڻپ ممڪن آهي تنهنڪري سڃاڻپ ٿي وڃي هن انداز ۾ تذڪرو ڪرڻ بہ **غِيبَت** ۾ شُمار ٿيندو. مَسئلو اهو آهي تہ مسلمان خودڪشي ڪرڻ جي ڪري اسلام کان نڪري ناهي ويندو، هن جي نمازِ جنازا بہ ادا ڪئي ويندي، هن جي لاءِ دعاءِ مغفرت بہ ڪئي ويندي، مري ويل مسلمان ڪي برائي سان ياد ڪرڻ جي شريعت ۾ اجازت ناهي. هن باري ۾ **بہ فرامينِ مصطفٰي** صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ ملاحظ ڪيو:

﴿1﴾ **پنهنجي مُردن** کي برو نہ چئو ڇو جو اهي پنهنجي اڳتي موڪليل عملن کي پهچي چڪا آهن. (بُخاري ج1 ص 470 حديث 1393)

﴿2﴾ پنهنجي مُردن جون خوبيون بيان ڪيو ۽ انهن جي بُرائين کان باز رهو. (سُنن تِرمذي ج2 ص312 حديث1021)

**حضرت علام** محمد عَبدُ الرَّؤف مُناوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: **مُردي جي** غيبت زنده جي غيبت کان بدتر آهي، ڇو جو زنده ماڻهو کان معاف ڪرائڻ ممڪن آهي جڏهن تہ مُردي کان معاف ڪرائڻ ممڪن ناهي. (فيض القدير،562/1،تحت الحديث852)

## غسال مردي جي برائي بيان نہ ڪري

عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي مڪتبة المدينہ جي ڪتاب ”**بهارِ شريعت**“جلد اوّل صفحي 811 تي آهي **(ميّت کي غُسل ڏيندي وقت)** جيڪا سٺي ڳالهہ ڏسي **مثال طور؛** چهرو چمڪي پوي يا ميّت جي جسم کان خوشبو آئي، تہ هن کي ماڻهن جي سامهون بيان

ڪري ۽ ڪا بري ڳالھ ڏني **مثال طور:** چھرو ڪارو ٿي ويو يا بدبُو آئي يا صورت ۾ اَعۡضا ۾ تَغَيُّر (تبديلي يا ڦير) آيو تہ ھن ڪي ڪنھن سان بيان نہ ڪري ۽ اھڙي ڳالھ چوڻ جائز بہ ناھي، ڇو تہ حديث ۾ ارشاد ٿيو: "پنھنجي مُردَن جون خوبيون ذڪر ڪيو ۽ ھن جي برائين کان باز رھو .

## مرڻ کان پوءِ وڏي آواز ۾ ڪلمو پڙھيو

**جيڪڏھن** ڪنھن مسلمان مرڻ وقت بظاھرڪلمو نہ پڙھيو ۽ ڪنھن ھيئن چيو تہ "ھن کي ڪلمو نصيب نہ ٿيو" تہ ان ھن مرڻ واري جي غيبت ڪئي، ھن ضِمن ۾ ھڪ ايمان افروز حڪايت ملاحظ فرمايو جيئن تہ حضرت **عَلامہ عَبدُالحَيّ** لکنوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: منھنجي بزرگن مان ھڪ وَلي **الله يعني** مولانا محمد اِظھَارُ الحَق لَکنوي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جن جو انتقال ٿيو ۽ مرڻ وقت انھن جي زبان مان ڪلمونہ نڪتو، ماڻھن سندن تي چادر وجھي ڪري ڪفن دفن جو انتظام ڪيو، جڏھن سڀ ماڻھو ٻاھر نڪتا تہ ڪجھ ماڻھن طَعنو ھڻندي چيو تہ ظاھر ۾ تہ ڏاڍو مُتّقِي ھو ۽ مرڻ وقت زبان مان ڪلمو بہ نہ نڪتس ھن ڳالھ سان سيني حاضِرين کي ڏاڍو رنج پھتو، ايتري ۾ مولانا مرحوم ٻنھي پيرن کي سميٽي ڪري وڏي آواز سان ڪلمو پڙھيو، جڏھن ماڻھن جي ڪنن ۾ آواز پھتو تہ طعنو ڏيندڙن کي ماڻھن بروپلو چيو. (غيبت کيا ہے، ص 19)

## مرڻ واري ڪافر جي غيبت

**شارِح بُخاري مفتي شَرِيفُ الحَق اَمجَدي** رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: ڪافرن جي برائي بيان ڪرڻ جائز آھي پلي اھي مري چو نہ ويا ھجن، ھا

جيکڏهن مري ويل ڪافرن جا **اهل وعيال** مسلمان هجن ۽ هنن جي **ڪافر ماءُ پيءُ**، اصول (يعني ڏاڏي) وغيره جي برائي ڪرڻ سان انهن کي ڏک پهچي تہ ان کان بچڻ ضروري آهي، جو هي مُسلمانن کي تڪليف ڏيڻ آهي ۽ مُسلمانن کي تڪليف ڏيڻ جائز ناهي.
(نُزهةُ القاري ج2 ص 886 )

شہا منڈلا رہی ہے موت سر پر پھر بھی میرا نفس
گناہوں کی طرف ہر دم ہے مائل یا رسول اللہ

## وياج ڪان وڌو گناهہ

اسان جي پياري پياري آقا، مديني واري مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اَصحابن سڳورن عَلَيهِم الرضوان کان پڇا ڪئي تہ "ڇا توهان کي خبر آهي تہ **الله پاڪ** وٽ وياج کان بہ وڌو گناهہ ڪهڙو آهي؟ اصحابن سڳورن عليهم الرضوان عرض ڪيو تہ "وَاللهُ اَعلَمُ وَرَسُولُه اَعلَمُ" يعني: **الله پاڪ** ۽ ان جو رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بهتر ڄاڻن ٿا. فرمايائون: بيشڪ **الله پاڪ** وٽ وياج کان وڌو گناهہ آهي مسلمان جي عزت کي حلال سمجهڻ. پوءِ رسولِ اَڪرم، نورِ مُجَسّم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ هيءَ آيتِ ڪريمہ تِلاوت فرمائي:

وَ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ الْمُؤْمِنِيْنَ وَ الْمُؤْمِنٰتِ بِغَيْرِ مَا اكْتَسَبُوْا فَقَدِ احْتَمَلُوْا بُهْتَانًا وَّ اِثْمًا مُّبِيْنًا ﴿۵۸﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ جيڪي تڪليف ڏين ٿا ايمان وارن مردن ۽ عورتن کي بغير ڪنهن سبب جي پوءِ بيشڪ انهن پنهنجي مٿي بهتان ۽ کليو گناهہ ڪنيو.

(پ 22 ، الاحزاب : 58) (شعب الايمان للبيهقي ج5 ص 298 حديث 6711)

اي عاشقانِ رسول! مسلمان جي عزت تي هٿ وجهڻ يقيني طور تي وياج جهڙي مُوذِي گناهه کان بہ وڌيڪ آهي، ان سلسلي ۾ وڌيڪ تي **فَرامينِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ پيش ڪجن ٿا:

## مسلمان جي عزت خراب ڪرڻ وياج کان وڌوگناهه آهي

﴿1﴾ **انسان ڪي ملڻ** واري وياج جو هڪ دِرهم **الله ڪريم** وٽ 36 ڀيرا زِنا کان بہ وڌيڪ خراب آهي ۽ بيشڪ وِياج کان بہ وڏو گناهه ڪنهن مسلمان جي بي عزتي ڪرڻ آهي. (ذَمّ الغِيبَة لِابنِ اَبِي الدُّنيا ص 80 حديث36)

﴿2﴾ وياج 72 گناهن جو مجموعو آهي ۽ انهن ۾ ننڍي ۾ ننڍو پنهنجي ماءُ سان زنا ڪرڻ برابر آهي ۽ بيشڪ وياج کان بہ وڌيڪ گناهه ڪنهن مسلمان جي بي عزتي ڪرڻ آهي. (معجم اوسط، 227/5، حديث:7151)

﴿3﴾ بدترين وياج ڪنهن مسلمان جي عزت تي ناحق هٿ وجهڻ آهي. (سُنَنِ ابوداود ص353 حديث4876) حديثِ پاڪ نمبر3 جي حوالي سان حڪيمُ الاُمّت حضرت مُفتِي احمد يار خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: يعني وياج خوري خراب کان خراب گناهه آهي. جيئن ماءُ سان ڪعبي مُعَظَّمہ جي اندر زنا ڪرڻ، وياج خور کي **الله** ۽ رسول سان جنگ ڪرڻ جو اَلٽِي مِيٽم (يعني **چيلنج**) ڏنو ويو آهي، اهو تہ مالي وياج جو حال آهي پر مسلمان جي آبرو ۽ عزت جيئن تہ مال کان بہ وڌيڪ پياري ۽ قيمتي آهي، ان ڪري مسلمان جي بي عزتي (غيبت وغيره ڪري ) ان کي ذليل ڪرڻ بدترين وياج قرار ڏنو ويو. (مراۃ ج6 ص 618)

باليقين ايسے مسلماں ہيں بڑے ہی ناداں
اہلِ اسلام کی غیبت جو کیا کرتے ہیں
جو ہیں سلطانِ مدینہ کے حقیقی عاشق
غیبت و چُغلی و تہمت سے بچا کرتے ہیں

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

تُوبُوا اِلَى الله! اَسْتَغْفِرُ الله

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسلمان جي عزّت جي حفاظت جو ثواب

اي عاشقانِ رسول! اوهان جي سامهون جڏهن بہ ڪو شخص ڪنهن اسلامي ڀاءُ جي خطا يا ان جو ڪو عيب ظاهر ڪري، ان جي موجودگيءَ ۾ يا غير موجودگيءَ ۾ تہ پوءِ بڌڻ ۾ ڪا شَرعِي مَصلَحت نہ هجي تہ جلد ئي مسلمان جي اِحترام جو خيال ڪندي آخرت جي ثواب جي نيّت سان پنهنجي اسلامي ڀاءُ جي عزت جي حفاظت ڪريو، سرڪارِ دوجهان شهنشاهِ ڪون و مڪان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمانِ عافِيّت نشان آهي تہ ”جيڪو پنهنجي مسلمان ڀاءُ جي پَرَ پُٺ ان جي عزت جي حفاظت ڪري تہ الله پاڪ جي ذمہِ ڪرم تي آهي تہ هو ان کي جهنّم کان آزاد فرمائي.“ (مُسند اِمام احمد ج6 ص 461)

حضرت اَنَس رَضِیَ اللهُ عَنْه کان مروي آهي تہ حُضُور نبيِّ ڪريم رؤف رَّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو تہ ”جنهن دنيا ۾ پنهنجي ڀاءُ جي عِزت جي حِفاظت ڪئي تہ الله پاڪ قِيامت جي ڏينهن هڪ فِرشتو موڪليندو، جيڪو جهنم کان ان جي حفاظت فرمائيندو.“ (ذَمّ الغيبة لِابنِ اَبِي الدُّنيا ص 131 حديث 105)

## غيبت کان روڪڻ جون چار فضيلتون

مسلمان جي غيبت ڪرڻ واري کي روڪڻ جي قدرت هئڻ جي صورت ۾ روڪڻ واجِب آهي. روڪڻ عظيم ثواب ۽ نہ روڪڻ

دردناڪ عذاب جو سبب آهي، ان سلسلي ۾ **پياري پياري آقا** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ **جا چار فَرمان** ملاحظ فرمايو:

﴿1﴾ جنهن جي سامهون ان جي مسلمان ڀاءُ جي گِلا ڪئي وڃي ۽ اهو ان جي مدد تي طاقت رکندو هجي ۽ مدد ڪري، **الله** پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي مدد ڪندو ۽ جيڪڏهن طاقت هوندي بہ ان جي مدد نہ ڪئي تہ **الله** پاڪ دنيا ۽ آخرت ۾ ان جي پڪڙ فرمائيندو. (مُصَنَّف عَبد الرَّزاق ج10 ص 188 رقم 20426) ﴿2﴾ جيڪو شخص پنهنجي ڀاءُ جي گوشت کان ان جي **غيبَت**(غير موجودگيءَ) ۾ روڪي (يعني ڪنهن مسلمان جي گِلا ڪئي پئي وئي تہ ان روڪيو) تہ اَللّٰہُ پاڪ تي حق آهي تہ ان کي جهنم کان آزاد ڪري. (مِشکواةُالمَصابِيح ج3 ص 70 حديث 4981) ﴿3﴾ جيڪو مسلمان پنهنجي ڀاءُ جي آبرو کان روڪي (يعني ڪنهن مسلمان جي بي عزتي ٿي رهي هئي تہ ان مَنع ڪيو) تہ اَللّٰہُ **پاڪ** تي حق آهي تہ قِيامت جي ڏينهن ان کي جهنّم جي باهہ کان بچائي. ان ڪانپوءِ هيءَ آيت تلاوت فرمائي:

وَكَانَ حَقًّا عَلَيْنَا نَصْرُ الْمُؤْمِنِيْنَ ﴿۴۷﴾

ترجمو ڪنزالايمان: ۽ اسان جي مهرباني جي ذِمي آهي مسلمانن جي مدد فرمائڻ. (پ21 الروم: 47) (شرحُ السنّة ج6 ص 494 حديث3422)

﴿4﴾ جتي مسلمان مرد جي بي عزتي ڪئي وڃي ۽ ان جي آبروريزي(بي عزتي) ڪئي وڃي ۽ اهڙي جڳهہ جنهن ان جي مدد نہ ڪئي. (يعني اهو خاموش ٻڌندو رهيو ۽ ان کي نہ روڪيو تہ) **الله پاڪ** ان جي مدد نہ ڪندو جتي ان کي پسند هجي تہ مدد ڪئي وڃي ۽

جيڪو شخص مسلمان مرد جي مدد ڪندو اهڙي موقعي تي جتي ان جي بي عزتي ۽ عزت ڪي خراب ڪيو پيو وڃي تہ **الله** پاڪ ان جي مدد ڪندو اهڙي موقعي تي جتي ان کي پسند هجي تہ ان جي مدد ڪئي وڃي. ( سُنَنِ ابي داود ج4 ص 355 حديث 4884)

## غيبت ڪرڻ واري جي سامهون تعريف

**اسان جا اَسلاف** رَحْمَةُاللهِ عَلَيْهِم **ڪنهن کان مسلمان جي غيب ٻُڌندا هئا** تہ ان کي توڪيندا هئا ۽ انهن جو اهو انداز بہ ڏاڍو سهڻو هوندو هو. جيئن تہ حضرت **سيّدنا عَبدُالله بِن مُبارَڪ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي مجلس ۾ هڪ شخص **سيّدُنا امامِ اَعظم اَبوحَنيفہ** رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي گلا ڪئي تہ پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه ارشاد فرمايو تہ "**اي شخص! تون ان امام جا عيب چو ٿو بيان ڪرين، انهن جو شان تہ هي هو جو پنجيتاليهہ سالن تائين** (روزانو) **هڪ ئي وضوء سان پنج وقتن جي نماز ادا ڪندا رهيا.**"
(اَلخَيرات الحِسان لِلهَيتَمي ص 117، رَدُّ المُحتار ج1 ص150 )

## غيبت ڪرڻ وارن کان پيڇو ڇڏائڻ جو طريقو

**اي عاشقانِ اولياء!** اسان جي بُزُرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جو گناهن پري **غيبت** کان بچڻ جو جذبو مَرحَبا! ڪاش صد ڪروڙ ڪاش! اسان جو اهو ذهن بڻجي وڃي تہ جيئن ئي ڪنهن مسلمان جو مَنفِي (بُرو، Negative ) ذڪر ٿئي تہ جلد ئي خبردار ٿي وڃون ۽ غور ڪريون تہ جيڪڏهن اها ڳالهہ غيبت تي مشتمل يا غيبت ڏانهن وٺي وڃڻ واري آهي تہ جلد ان کان مُڙي وڃون. جيڪڏهن ڪو بيو ماڻهو اها گفتگو ڪري رهيو هجي تہ ان کي مُناسِب طريقي سان روڪيون، جيڪڏهن اهو نہ مُڙي تہ اتان اٿي هليا وڃون جيڪڏهن ان کي

روڪڻ يا توهان جو اتان اٿي وڃڻ ممڪن نہ ٿئي تہ دل ۾ ان کي ۾ ان گفتگو ۽ برو سمجهو ۽ طريقي سان ڳالهہ بدلائي ڇڏيو هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ شروع ڪيو، **مثال طور**: دلچسپي نہ وٺو هر هر واچ ڏسي پريشاني چهري تي بيزاري جا آثار ظاهر ڪيو، جو اِظهار فرمايو، تي سگهي ٿو تہ بات روم جو چئي اُٿي وڃو ۽ پوءِ اوهان جو چوڻ ڪوڙ نہ ٿئي تنهنڪري بات روم ڪان بہ ٿي اچو، مجبوري تحت بات حاضر رهڻ بدران **غيبت ڪرڻ واري ڪمري** ۾ روم ۾ وقت گذارڻ تمام مناسب آهي اِن شَآءَاللّٰه ان تي بہ اوهان کي ثواب ملندو.

آخلاق ہوں اچّھے مرا کردار ہو ستھرا
محبوب کے صدقے میں مجھے نیک بنا دے
(وسائلِ بخشش،ص115)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺِين سُٺِين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنْ شَآءَ الله عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنْ شَآءَ الله عزوجل






عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net